*پروفيسر ڊاڪٽر رخمان گل پالاري

# لطيفيات ۽ لوڪ ادب بابت ’ڪينجهر‘ ۾ شايع ٿيل ڪجهه مقالن جو تنقيدي اڀياس

# (CIRTICAL ANALYSIS OF SOME PAPERS ON ` LATIFIYAT AND FOLK LORE` PUBLISHED IN `KEENJHAR`)

**Abstract:**

Study of the Poetry of Shah Latif and folklore are my subjects, I have worked on these subjects for 40 years. In this research paper I have taken critical analysis over 4 research papers published in the Research Journal `KEENJHAR` Vol. 24 2021, Vol. 25 2022, Vol. 26 2023. Three research papers are written on the poetry of Shah Abdul Latif while one is written on folklore.

In this research paper I have traced out mistakes and wrong interpretations such as: wrong verses of Shah Abdul Latif, errors of words, wrong references, lack of primary references, wrong accent and wrong explanations of the verses. In folklore research paper I have traced out lack of primary references, errors in words, wrong genitors, and incomplete explanations. I have also pointed out mised lines of the different verses.

ڊاڪٽر نور محمد شاهه صاحب! اميد ته نِمرا، نوبنا ۽ ڀَڙ هُوندان. اوهان پاران موڪليل تحقيقي جرنل ڪينجهر جا پنج شمارا ثابتا قربائتي خط سميت مليا، جي لس ليٿ پڙهي پورا ڪيم، سوچيم ته اوهان جي ڪُلهي شال اوڍائڻ واري ٿوري تي چند چوڪيون اوهان لائق سيبتيون سِٽون لکي اَوَل اماڻيان، پر لکڻ جي مامري ۾ مون سان اصل جابلو اُٺ ڪي پتڻ اڪارڻ واري ڪار آهي. پڙهڻ ۾ بنهه ڀَڙ، گهوڙو ٻَڌڻ نه ڏيان وَڙِ، وري پڙهي هينئين سان هنڊائڻ ۾ ڪسر نه ڇڏيان ڪَڙِ.

*سابق چيئر مئن سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي



شاهه لطيف رحه ته جيءَ ۾ جڙيل آهي، وري لوڪ ادب ڪي پنهنجي پهر اوچ ٿو پائيان، نه ڪا هام ٿو هڻان نه ئي ڪا وڏ واتائي ٿو ڪيان، انهن ٻنهي کي پير تَرِين هيٺان ٿميندي، هن حقيقت کان بنهه نٿو هٻڪان ته آئون هتي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ پنجويهه سالن کان شاهه لطيف رحه ۽ لوڪ ادب پڙهائيندو ۽ هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ پڙهندو ۽ سڪندو وتان، ڪاڇي، ڪوهستان لاڙ اتر، ٿر توڙي لسٻيلي کان وٺي دشتياريءَ (ايران) تائين شاهه لطيف رحه جي پارکوءَ توڙي لوڪ ادب جي ڪنهن ڄاڻو سگهڙ جو ڏس مليو ته ڪوشش ڪري اتي پينوءَ جي حيثيت ۾ پهچي جهولي جهلي پنجڪٽي ضرور پني آهيم.

اوهان جي موڪليل هنن ٽنهي شمارن ۾ خاص ڪري شاهه لطيف رحه ۽ لوڪ ادب تي، جن ڏاهن پنهنجا مقالا لکيا آهن، آئون سندن محنت جو قدر ڪيان ٿو. سندن فڪر ۽ فلسفا اکين تي پر سندن مقالن ۾ شاهه لطيف رحه توڙي سانوڻ فقير جي بيتن سان جا بي واجبي ٿيل آهي، سا ايئن زباني ڪلامي دٻالت ۾ دفن ڪرڻ لائق ناهي.

شماري ٢۴، سال ٢٠٢١ع جي، اَول ۾ منهنجي مانائتي استاد پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ صاحب جو عشق جي اسباب کي عيان ڪرڻ وارو مهميزي مقالو ”شاهه لطيف جي ڪردار سهڻيءَ جو نفسياتي جائزو“ جي عنوان سان لکيل آهي، سائين غفور صاحب پهرئين ئي صفحي تي لکي ٿو ته:

> حضرت عيسيٰ کي صليب تي لٽڪايو ويجي ٿو ان وقت رعيت ۽ بادشاهن جي قانون مطابق حضرت عيسيٰ کي سزا ڏني ويئي، پر تاريخ ۾ اهو ڪردار غير معمولي بڻجي ويو. حسين بن منصور، حلاج کي سنگسار ڪيو ويو ان وقت جي حاڪمن لاءِ هو ڏوهاري هو. پر تاريخ ۾ اهو ڪردار غير معمولي بڻجي ويو.( ميمڻ، 2021، 01)

سائين منهنجا منصور حلاج لاءِ سوريءَ سزاوار/سوليءَ سزاوار ئي بهتر آهي، سنگساريءَ وارو ڪُڏو ڏوهه منصور رحه تي نه مڙهيو. صفحي ٣ جون شروعاتي سٽون هن ريت لکيل آهن:

> سهڻي جيڪا شادي شده عورت هئي، اها رات جو مڙس کي سُمهاري درياءَ پار ڪري ميهار سان ملڻ ويجي ٿي. ان وقت جي رائج قدرن مطابق

اها غلط ريت هئي جي ڪڏهن بہ ٻڌي نہ مري ها يا مڙس جي هٿان ماري وڃي، ها تہ سهڻيءَ جو نالو بہ اسان نہ ٻڌون ها . (ميمڻ، 2021، 03)

ان ئي صفحي تي انگريزي ڪوٽيشن کان پوءِ هيٺئن لکيل آهي تہ:

انسان سماج ۾ نہ هجي ها تہ صرف اڌ جي، پورائي لاءِ پيچ ڊڪ ڪندو رهي ها، پر سماج ۾ هو ٻين ماڻهن جي وچ ۾ اچي ٿو. خاندان، قبيلو، قوم ان جا گڏجي رهڻ جا رواج ٺهن ٿا. (ميمڻ، 2021، 03)

انهن ٻنهي جملن ۾ ڪٿي نہ ڪٿي ڪوٽ محسوس ٿئي ٿي، جڻ تہ جملا منجهيل آهن. صفحي نمبر۴ ”ڪجروري Repression“ تہ اهو لفظ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو آهي. اهي تہ خير جهڙيون ڳالهيون آهن، انهن سنهين ٿلهين هيٺ مٿانهين تي گَن لاٿار بہ ڪري سگهجي ٿي ۽ اها ايڏي وڏي ڳالهہ بہ ناهي، پر هن مقالي ۾ شاهہ لطيف رحہ جا تيرهن ڪن بيت ڏنل آهن، جن ۾ نہ بيهڪ جي نشانين جو خيال ڪيل آهي، نہ لفظن تي اعرابين ڏانهن ڌيان ڏنل آهي، چو تہ ڪن بيتن ۾ ڪي اهڙا لفظ بہ آهن، جي اعرابين کان سواءِ، خاص ڪري شاگرد سڀورا درست پڙهي نہ سگهندا. ڪن بيتن مان لفظ ئي غائب تہ ڪن بيتن ۾ لفظن جا اچار ئي بگڙيل، جو بيت سُر سهڻيءَ جو نہ آهي تہ اهو بہ سُر سهڻيءَ جو ڪري لکيل آهي. هڪ اڌ بيت جو نمبر ۽ داستان ئي مَٽيل، ڊاڪٽر غفور صاحب اهي سپيئي بيت ٻانهي خان شيخ جي رسالي تان کنيا آهن، جن لاءِ ڊاڪٽر صاحب مضمون جي آخر ۾ صفحي نمبر ۱۴ تي حوالن واري جيڪا فهرست ڏني آهي، جنهن جي بنهہ آخر ۾ ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي تہ:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جا سپيئي بيت ٻانهي خان شيخ جي رسالي تان ورتا ويا آهن، جيڪو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، يونيورسٽي آف ڪراچي 2002ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. (ميمڻ، 2021، 14)

سائين ڊاڪٽر غفور صاحب سان عرض آهي تہ سُر سهڻي ٻانهي خان شيخ طرفان سهيڙيل رسالي جي پهرئين جُلد ۾ آهي، جيڪو پهريون ڀيرو ۲۰۰۰ع ۽ وري ان ساڳي جلد جو ٻئو ڇاپو ۲۰۱۰ع ۾ شاهہ عبداللطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڇپائي پڌرو ڪيو. ٻانهي خان شيخ جي سهيڙيل رسالي ۾ جيڪي بيت آيل آهن، انهن ۾ گهڻي ڀاڱي هر لفظ تي اعرابيون ۽ هيٺ حاشيي ۾ معنيٰ پڻ ڏنل آهي. آئون نٿو سمجهان تہ



هڪ ٻوليءَ جو ماهر استاد ۽ پڻ شاهہ لطيف رحہ جو پارکو، ڀٽائيءَ جي بيتن سان هيڏا هاڃا ڪري سگهي ٿو. منهنجي خيال ۾ تہ سڀ کان وڏيڪ ذميواري ايڊيٽر صاحب جي آهي، جنهن ڀٽائيءَ جي بيتن سان ٿيل هن هيڏيءَ چيرڦاڙ تي اک ٻوٽ ڪئي.

اهي ڪينجهر وارا شمارا ڪوهستاني سگهڙن ڪي بہ ڪٿان هٿ پئي ويا، هڪ سگهڙن جي ڪچهريءَ ۾ مون کي بہ ڪُٿيءَ کنيو سو. آئون بہ ٽوپي نراڙ تي ڪري ويس، مون کي اصل اچي سگَن تي کنيائون، ڇَون تہ هيڏا وڏا ناليوارا ادارا، جن ۾ اوهين ڀٽائي گهوٽ جي ڪَٿِ ڪائڻ وارا سَتَ سِسِيا عالم، ڏهہ سِسِيا ڏاها، پنرنهن (پندرنهن) سِسِيا پروفيسر ڦرٽين ڪُرسين تي ويهي، اِيهي ڪم ٿا ڪريو. اسان وٽ ڀٽائي گهوٽ جي بيتن سان هيڏي جٺ ڪو ڏراڙ بہ نہ ڪندو. وري سائين همسر حسين صاحب جي بدين جي لوڪ ادب واري مقالي تي تہ اصل ڪُتي جا گَن وڌيا واري ڪار. چون تہ ان استاد کي تہ اِيزڪ ۾ وجهي ماڪوڙن جي ٻِر تي رکڻو آهي، ڪيس نہ سانوڻ فقير جي بيتن جي سُڌ، نہ ڳاهن جي خبر نہ ڏهس ۽ هنر جي پروڙ. مون ڏنو تہ ڳالهہ گوڙ کان چڙهيل آهي، سو کين پرچائيندي چيم تہ ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ اوهين، ڀٽائي گهوٽ جا عقيدتمند پارکو ۽ سانوڻ فقير جا بہ شيدائي آهيو ۽ اها حقيقت بہ آهي، پر هتي ڪوڙيءَ کي ئي گهمرو آهي، ان ڪِيس جي دانهن ڪٿي ڏجي، رڙ ڪُوڪ ڪٿي ڪجي، مون کين پنهنجا اکين ڏٺا واقعا ٻڌائيندي چيو تہ شاهہ لطيف رحہ تي ڪرايل هڪ پروگرام ۾ ان وقت سينيٽ جو چيئرمين، رضا رباني صاحب خاص مهمان هو ۽ خاص خطاب سائين جامي چانڊئي صاحب پي ڪيو. سائين چانڊئي صاحب پنهنجي فلسفياڻي تقرير ۾ شاهہ لطيف رحہ جو هڪ بيت غلط اچارن سان پڙهيو. ٻيو بہ ائين ئي جڻ ڏري پڙهي ويو. جڏهن پنهنجي تقرير دوران ٽيون بيت بہ ائين پڙهيائين تہ مون کان بہ رهيو نہ ٿيو. مون وڏي واڪي اهو بيت اٿي پڙهي ٻڌايو تہ سڄي ڀريل هال کي جڻ واسينگ سونگهي ويو. اڳين سيٽن تي وڏن ڏِڍن وارن جون ڪائڻ واريون خوفناڪ نظرون سندن مون ڏي مڙيل مواڙ ڳاٽن سان جڻ منهنجي نڙگهٽ ۾ ڪُپي وييون. سائين سليم ميمڻ صاحب سامهون مٿي اسٽيج تي ويٺو هو. جنهن بہ گهُوريل نظر سان چپ تي اشهد آڱر رکي ماٺ ڪرڻ جو مبهم اشارو ڏنو. ٻئو ڀيرو مون پنهنجي اکيين هيءَ وارتا بہ ڏٺي، مئڊم سحر گل ڀٽي صاحبہ جا ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ قائم محترمہ بينظير ڀٽو چيئر جي سرواڻ بہ رهي چڪي آهي، سائين حميد آخوند وارن طرفان

آرٽس ڪونسل ڪراچيءَ جي هڪ وڏي هال ۾ شاهه لطيف رحه جي حوالي سان هڪ پروگرام هو، جنهن ۾ مون ۽ گل حسن ڪلمتيءَ جو سسئيءَ جي پنڌ جي حوالي سان به هڪ سيشن هو ۽ ان کان پوءِ سحر گل پٽي صاحبه جو به شاهه لطيف رحه جي حوالي سان هڪ مقالو هو، جنهن ۾ جڏهن مئڊم اهي ابتن اچارن سان بيت پيئي پڙهي ته ماڻهو زور سان تاڙيون پيا وڄائين، ان پروگرام ۾ منهنجي شعبي جا شاگرد سڄورا به ويٺل هئا، جن مان ٻه ڄڻا اٽي مون وٽ آيا ته سائين هي ڇا آهي؟ مون کين چيو اهو ئي جيڪو ڏسي ۽ ٻڌي رهيا آهيو، سائين اوهين ته هن ويڌن تي ڪجهه ڳالهايو، مون کين چيو ته بابلا مون جهڙي، مسڪين هتي ڳالهايو ته هيءَ خلقِ خدا سنسگار ڪندي به دير نه ڪندي، اڳين سيٽن تي منهنجي ماناٽتي استاد مئڊم فهميده حسين صاحبه ۽ سائين اياز لطيف پليجو صاحب به ويٺل هئا، خبر ناهي انهن جا تاثرات ڪهڙا هئا...!!

ايئن وري هڪ پيري آواري ٽاور هوٽل جي هڪ وڏي شاندار هال ۾ شاهه سائينءَ جي راڳ تي هڪ پروگرام ٿيو، اهو سڄو پروگرام وحيده مهيسر صاحبه هلايو، پروگرام جي شروعات ۾ شاهه لطيف رحه جو مشهور بيت پڙهيائين، هڪ سڄي سٽ ڳوري ڇڏڻ سان گڏ لفظي اچارن جا اُڇاترا چوڏا لاهيائين، وڏيون تاڙيون وڳيون، آئون واٽڙن وانگي ٻنهه پوئين قطار ۾ هيڏي هوڏي نهاري رهيو هئس. راڳداريءَ جي ڄاڻو عالمن کي اسٽيج تي سڏائڻ مهل وري ٻئي شاهه رحه جي بيت جا ليڪا لاٿائين، تاڙين جا ڦهڪا ٿي ويا. شايد سائين نواز ڪنڀر کي پنهنجي مقالي پڙهڻ لاءِ گهرائيندي، سُر سورٺ جو جڏهن بيت پڙهيائين ته الله ڀلو ڪري سائين امداد حسيني صاحب جو، جنهن ڪيس بيت جي اڌ ۾ روڪيندي چيو ته: ”اوهين شيخ اياز جا بيت پڙهو جي اوهين ڏاڍا ڀلا پڙهندا آهيو“، مهيسر صاحبه مشڪندي پنهنجي ڪونج ڳچي هاڪار ۾ ڌوڻي ته امداد صاحب ٺري برف ٿي ويو، اسان جهڙو مسڪين اگر ائين شاهه لطيف رحه جا بيت پڙهي ها ته ڄڻ ٽياس تي ٽنگجي وڃي ها. منهنجون اهي حقيقي ڪٿائون ٻڌي هي مسڪين واٽڙا ٿي ويا. مون تي سندن ڪاوڙ ڄڻ ڪافور ٿي ويئي، مون کي ڪپندو به اهو هو. آخر مون کان اهو واعدو ورتائون ته هن هيڏي ساري بغدادَ جي دانهن وس وارن تائين بنا ڪنهن رک رکاءُ جي پهچائج ضرور، مون به ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيري ساڻن هائوڪار ڪئي، ان واعدي کي پاڙي ڏيندي، هيءُ الف ليلوي داستان لکي ويٺس. هاڻي اچون ٿا پنهنجيءَ اصل ڳالهه تي، ڊاڪٽر غفور صاحب پنهنجي مقالي جي صفحي نمبر٢ تي پهريون بيت سُر سهڻيءَ جو ڄاڻائي هيٺئين ريت لکيو آهي:

اک الٽي ڏار، ونءُ الٽو عالم سين
جي لهواري لوڪو وهي، تون اوچو وَهُه اوپار
منهنجان نوچ نهار، پُرُ پنيرو پرين ڏي.
( سهڻي، 2/10)

اول ڳالهه اها ته هيءَ بيت سُر سهڻيءَ جو ناهي، بيت جي هيٺان سُر سهڻي بيت ڏهون ۽ داستان ٻئو لکيل آهي، جڏهن ته هيءُ مشهور بيت ”سر آسا“ جو آهي، بيت جي بيهڪ جي نشانين توڙي اعرابين کي هڪ پاسي ٿا ڪيون، پر ٻيءَ سٽ ۾ لهوارو جي بدران ”لهواري“، ٽيءَ سٽ ۾ منجهان جي بدران ”منهنجان“، ان ئي سٽ ۾ پرينءَ جي بدران ”پرين“، هڪ بيت ۾ ايتريون ڪچايون ڪُوَڙائيءَ ۾ ڳٽبيون، ٻانهي خان شيخ واري، سهيڙيل رسالي ۾ اهو بيت سر آسا ۾ هيٺئين ريت لکيل آهي:

اَک اُلِٽي ڏارِ، وَنءُ اُلِٽو عَامَ سين،
لاهُئَارو لَوڪُ وَهي، ٿُون اوچو وَهُه اوپَارِ،
مَنجهَان نُوچَ نِهَارِ، ويھُه پُنِيرو پِرِينءَ ڏي.
(سر آسا: بيت نمبر29، داستان نمبر2، جلد نمبر3، ڇاپو ٻئو 2012ع)

اهو بيت گهڻي ڀاڱي سيني رسالن ۾ آهي، پر پڙهڻيءَ ۾ ٿوري گهڻي ڦيرڦار ضرور آهي. آئون ان اجائي بحث ۾ نٿو وڃان، پر پٽائي گهوٽ جا اهي ويچارا گمنام پارکو جيڪي سيمينارن توڙي ڪانفرنسن کان ڪوهين ڏور آهن، اهي هي بيت هيٺئين ريت پڙهن ٿا:

اَکِ اُلِٽي ڏارِ، وَنءُ اُلٽو عامَ سِين،
جي لاهَوَارو لوڪُ وَهي، ٿُون اُوچو وَهُه اوپارِ،
مَنجهان نَوچَ نهارِ، پُرُ پُنيرو پِرينءَ ڏي.

صفحي نمبر 5 تي هيٺيون بيت هن ريت لکيو آهي.

اديون سپ اندام، منهنجا چڙن چوريا
لارن جا لئنون لائي، سان ڪيئن آچيان عام
لڳيس جنهن جي لام، سو دلاسا دوسُ مُجي.
(سهڻي 4/1)

اهو ساڳيو مٿيون بيت ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي ۾ هيٺئين ريت لکيل آهي:

اَڊيُون سَڀِ اَندَامَ، منهنجا چَڙَنِ چورِتَا،
لاڙُنِ جا لَنءُ لائِي، سَا ڪِيئَن آچِيَان عَامَ،
لَڳِيِيسِ جَنهِن جي لاَمَ، سودِلاَسَا دوسُ مُجي.

(سر سهڻي: بيت نمبر ١، داستان نمبر ۴، جلد پهريون، ڇاپو پهريون ٢٠٠٠ع)

هاڻي ٻنهي بيتن ۾ بيهڪ جي نشانين، اعرابين ۽ لفظي اچارن جو فرق اوهين پاڻ ڏسو. اسان جي ڪوهستاني تر ۾ شاهه لطيف رحه جا پارکو اهو بيت هيٺئين ريت وڌيڪ درست سمجهن ٿا:

اديون سڀِ اَندَامَ، چَڙَنِ منهنجا چورتا،
لاڙُن جا لَنءُ لائِي، سا ڪِيئَن آڇيان عامَ،
لَڳيس جنهن جي لاَمَ، سودِلاسا دَوسُ مُنجَي.

صفحي نمبر ٦ تي اڏورين اعرابين سان هنيون بيت لکيل آهي، جنهن جي پهرئين سٽ ۾ هڪ لفظ ڪاڏل ته وري ٻي لفظ "سَيِيئي" جي "ي" وڃايل:

صورت ساهڙ جي، .. جي ڏسو سيئي
سمهو ڪين سُک تي ور پاسو ڏيئي
مونهان اڳيئي، گهڙو سپ گهڙا ڪٽي.
(سهڻي 1/5)

ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي ۾ اهو بيت پُورين بيهڪ جي نشانين ۽ اعرابين سميت هيٺئين ريت لکيل آهي:

صُورتَ سَاهڙ جِي، اَئِين جي ڏسو سَيِيئي،
سُمَهو ڪِينَ سُکِ تي، وَرَ پاسو ڏِيئي،
مُونهَان اڳيئي، گهڙو سَپِ گهَڙَا ڪِٽي.

(سر سهڻي: بيت 5، داستان 1 جلد پهريون، ڇاپو پهريون 2000ع)



صفحي نمبر ٦ تي ٺي هيٺيون بيت بيهڪ جي اڏورين نشانين بنا اعرابين ۽ آخري سٽ ۾ ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي ۾ "پَري" لفظ لکيل آهي. ڊاڪٽر غفور صاحب "ڏور" لفظ لکيو آهي، معنيٰ ٻنهي لفظن جي ساڳي آهي، پر لفظ مَٽ آهن:

جي قيام مڙن تہ ڪر اوڏا سپرين
تهان ڏور سجن، واڏاريون وصال جون.
(سهڻي 9/28)

ٻانهي خان شيخ اهو مٿيون بيت پنهنجي سهيڙيل رسالي ۾ هيٺين ريت لکيو آهي:

جي قِيَامَ مِڙَنِ، تہ ڪَرَ اوڏَا سُپِرين،
تِهَان پَري سُجَنِ، وَڏَايُون وِصال جُون.
(سر سهڻي: بيت نمبر ٢٩، داستان نمبر ٩، جلد پهريون، ڇاپو پهريون ٢٠٠٠ع)

صفحي نمبر ٦ تي ٺي هيٺيون پنجن سٽن وارو بيت، بنا اعرابين، اڏورين بيهڪ جي نشانين، پهرئين ۽ ٻي سٽ جي بدليل لفظن سميت هيٺئين ريت لکيل آهي:

وڃان ڪيئن وري، هون ري چئي رهي پوان
ڏونهينءَ پاسي دوست جي، ماڳهين پٺان مري
نہ صورت نہ سونهن ڪا، ڪيس چت چري،
وصالا فراق جي، سڄي ڳالهہ ڳري،
تيلاهين تري، آئون منهن ڳنهؤ موٽيو وڃان.
(سهڻي 9/14)

اهو ساڳيو بيت ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي ۾ هيٺئين ريت لکيل آهي:

وَڃَان ڪِيئَن وَرِي، هُوندَ رِءَ چَئي رَهي رَهَان،
ڏُونهِينءَ پَاسِ دوسَ جي، مَاڳِهِين پُٺَان مَرِي،
نہ صُورَتَ نَہ سُونهَن ڪَا، ڪِيَسِ چِتَ چَرِي،
وِصَالا فِرَاقَ جي، سُڄي ڳَالهِہ ڳَرِي،
تيلاهِين تَرِي آئون مُنهن ڳِنهِئو موٽِيو وَڃَان.
(سر سهڻي: بيت نمبر ١۴، داستان نمبر ٩، جلد پهريون، ڇاپو پهريون، سال ٢٠٠٠ع)

صفحي نمبر۷ تي سُر ڏهر جو مشهور بيت ڏنل آهي، جنهن ۾ شيخ صاحب واري سهيڙيل رسالي مطابق بيت توڙي داستان جو نمبر ئي مَٽَ ٽيل آهي. اها تہ خير وڏي ڳالھ ناهي، هي بيت بيهڪ جي نشانين ۾ بلڪل پورو پر ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي واري بيت کان ٻنهي سٽن ۾ لفظ مَٽ سَٽ ٿيل آهن. اهو بيت ڊاڪٽر غفور صاحب هيٺئين ريت ڏنو آهي:

ڍول مَ <u>ڪٽي</u> ٻانهڙي، پرھ مَ ڪٽي پاند،
آئون <u>پنهنجو</u> ڪانڌ، لوڪان لڪي <u>رائيان</u>.
(ڏهر 12/ 3)

اهو ساڳيو بيت ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي ۾ هيٺئين ريت لکيل آهي:

ڍولَ مَ ڪٽين ٻانهَڙِي، پِرھَ مَ ڪَٽين پاندُ،
آئون پانهنجو ڪانڌُ، لوڳان لِڪِي رانئِيَان.
(سر سهڻي: بيت نمبر ١١، داستان نمبر ۴، جلد ٽئو ڇاپو ٻئو سال ٢٠١٢ع)

صفحي نمبر۷ تي ئي سر سهڻيءَ جو هيءُ مشهور بيت ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي مطابق اچارڻ ۾ هڪ لفظ هضم ڪري پوءِ هن ريت لکيل آهي:

ڪامان، پچان، پڄران، لڇان ۽ لوچان
تن ۾ تؤُنس پرين جي، پيان نہ ڍاپان
سمنڊمنهن ڪريان تِہ سرڪيائي نہ ٿئي.
(سهڻي 6/14)

اهو ساڳيو بيت ٻانهي خان شيخ پنهنجي طرفان سهيڙيل رسالي ۾ لفظن تي اعرابيون ڏيئي هيٺئين ريت ڏنو آهي:

ڪَامَان، پَچَان، پَڄُران، لُڇَان ۽ لوچَان،
تَنَ ۾ تؤُنس پِرِينِ جي، پِيَان نہ ڍَاپَان،
سَمُنڊُمُنهِن ڪريان تَوءِسُرڪِيَائِي نہ ٿِئي.
(سر سهڻي: بيت نمبر ١۴، داستان نمبر ٦ جلد پهريون، ڇاپو پهريون ٢٠٠٠ع)

صفحي نمبر ٨ تي هيٺيون بيت بيهڪ جي درست نشانين، درست لفظي اچارن سان هيٺئين ريت لکيل آهي:



ڪي تران ڪي تاريج، ڪي سگهان ڪي سگهہ
آڏو ڏيج ۾َ گهگهہ، مون هيڪليءَ ولها.
(سهڻي 9/15)

ٻانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي ۾ اهو بيت هيٺئين ريت اعرابيُن ڏيئي واضح ڪري لکيو آهي:

ڪِي تَرَاَن ڪِي تَارِيجِ، ڪِي سگهان ڪي سَگُهہ،
آڏو ڏيِجِ مَ گهَگهُہ، مُون هيڪَليءَ ولهَا.
(سر سهڻي: بيت نمبر ١٨، داستان نمبر ٩، جلد پهريون، ڇاپو پهريون ٢٠٠٠ع

صفحي نمبر ٨ جي آخر ۾ هيٺيون بيت لکيل آهي جو بيهڪ جي نشانين ۾ بنھ پورو، پر اعرابين کان وانجهو، وري بيت جي هيٺئين سِٽ تِي جڙ هيڊ هاريل آهي. بيت نمبر ۽ داستان نمبر بہ درست لکيل ناهن:

جيهر لوڪ جهپ ڪري، ذروجاڳ نہ هوءِ
اوهير اچيو اديون! پهہ پريان جو پوءِ،
جي ڪچو چوم ڪوئي، تہ مرڪ ٻانيان مهٽو.
(سهڻي 8/5)

ٻانهي خان شيخ جي سهيڙيل رسالي ۾ اهو بيت هيٺئين طرح لکيل آهي:

جيهَرَ لوڪ جُهپَ ڳري، ذَروجَاڳَ نَہ هوءِ
اوهِيرَ اَچو اَدِيُون، پَهُہ پريان جو پوءِ
جي ڳَچوچُونِم ڪو تہ مَرڪُ ٻَانيَان ميهَٽو.
(سرسهڻي: بيت نمبر ١٠، داستان نمبر ۵، جلد پهريون، ڇاپو پهريون، ٢٠٠٠ع)

صفحي نمبر ١٠ تي هيٺيون سر سهڻيءَ جو مشهور بيت، بنا اعرابين، اڻ پورين بيهڪ جي نشانين ۽ لفظي ڪچاين سميت هيٺئين ريت لکيل آهي:

سيئري سهہ رات <u>جو</u>، جا گهڙي وسدي مينهن
هلو تہ پڇون <u>سهڻيءَ</u> جا ڪر ڄاٽي <u>نينهن</u>
جنهن ڪي راتو ڏينهن ميهار ئي من ۾.
(سهڻي 3/19)

اهو ساڳيو بيت ڀانهي خان واري سهيڙيل رسالي ۾ هيٺئين ريت لکيل آهي:

سِياري سِهَہ رات ۾، جا ڳِهڙي وَسَندي مينهَن،
هَلو تہ پڇون سَوهَڻِي، جا ڪَرَ ڄاڻي نِيهَن،
جَنهِن ڪي رَاتو ڏِينهَن، ميهَارُ ئِي مَنَ ۾.

(سر سهڻي: بيت نمبر ١٩، داستان نمبر٣، جلد پهريون، ڇاپو پهريون ٢٠٠٠ع)

ان ئي صفحي نمبر ١٠ تي هيٺيون اڌورو بيت هيٺئين ريت لکيل آهي:

عشق جي عميق مان، ڇُڪو ڇڪيائين،
وهڻ تنهن وهہ ٿيو، گهر ٻار گهوريائين.
(سهڻي 10/20)

اهو مٿيون پنج سِٽون بيت ڀانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي ۾ هيٺئين ريت لکيل آهي:

عِشقَ جي عَميقَ مَان، ڇُڪو ڇَڪِيائِين،
وِهَڻُ تِنهِن وِهُہ ٿِئو، گهَرُ ٻَارُ گهورِيائِين،
اِلاالله آسَڻُ ڪري، سَرِيرُ سوجِهَيائِين،
مَن عَرَفَ نَفْسَهُ فَقَدعَرَفَ رَبَهُ، ڏِيلا ڏنائين
پِرِ تَان پِيتَائِين، مَنجَهان سِڪَ سَاهَڙَ ڪي.

سر سهڻي: بيت نمبر20، داستان نمبر10، جلد پهريون، ڇاپو پهريون 2000ع)

هن ئي صفحي نمبر10 جي بنهہ آخر ۾ سر سهڻيءَ جو مشهور بيت، جو هن ريت لکيل آهي، بيت جي آخري سٽ ۾ ”وارِيين سي“ جي بدران ”وارِيين سين“ لکيل آهي:

وهہ تک، واهڙ تک، جت نينهن تک نرالي
جنکي عشق عميق جو، سي خلوت خيالي
وارِيين سين والي،هينئڙو جني هٿ ڪئو.
(سهڻي 1/1)

اهو ساڳيو بيت ڀانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي ۾ هيٺئين ريت لکيل آهي:



وَهَہ تِکَ وَاهُڙ تِکَ، جِتِ نِينهُن تِکَ نِرَالِي،
جَنِکي عِشقُ عَمِيقَ جو، سي خِلوَتَ خِيالي،
وَارِيين سي وَالِي، هِيئنڙو جَنِي هَٿِ ڪِئو.

(سر سهڻي بيت نمبر1، داستان نمبر1، جلد پهريون، ڇاپو پهريون 2000ع)

ساهڙ جا سينگار اڻ ڏٺا اڳي هئا،
نہ ڪي فيڪون هئي، نڪا پچار
محبت ساڻ ميهار، لايائين لطيف چئي.
(6/1 سهڻي)

هن مٿئين بيت جي ٻي سٽ ۾ قرآني آيت جا لفظ جيڪي سورت بقره جي آيت نمبر117 سورت آل عمران جي آيت نمبر47، 89 سورت انعام جي آيت نمبر13، سورت نحل جي آخر ۾ آيل آهن، جنهن جي معنيٰ ”ٿيءُ ۽ پوءِ ٿي پوي ٿو“ مٿئين بيت جي ٻي سٽ ۾ مالڪ الملڪ جي ان حُڪميہ لفظ ”ڪُن“ جي بدران ”ڪي؟ لکيل آهي. اسان جي سماج ۾ ڪيئي فتني باز اڃان ٿلها ٿنبرا ٿيا پيا گهمن، سائين ڪٿي ٿياس تي نہ ٿنگجي وجوا ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ آيل لفظن جي ڀِيل مان اوهين ٻَري ٿي ويندا، پر هتي ڏڱي جو ڏڱو چٽيءَ جون ٻہ ڳئون ۽ سِر سڳورو سُونگ ۾ ويندو ۽ داد فرياد ئي نہ ٿيندو. هي مواڙ فتني باز هڏين سميت ماس ڪُرتي ڪائي ويندا. وڏيڪ وس وارا آهيو سائين. ايئن ڪرڻ تان مئدبر فهميده بہ هڪڙيءَ فتوا هيٺ آئي هئي، جا وڏا وس ڪرڻ کان پوءِ اُن مان آجي ٿي.

ايئن اسان جي هڪ استاد صاحبہ ”ڪُن فَيڪُونُ“ کي ”ڪَنَ فِيڪُون“ ڪري شاگردن کي پڙهائيندي هئي، الله خضري حياتي ڏيس ٻيبي پلي ڏکي پلي، ان ڳالهہ جي ڊاڪٽر غفور صاحب کي بہ خبر آهي. ڀانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي ۾ اهو بيت هيٺئين طرح لکيل آهي:

سَاهَڙَ جا سِينگَارَ اُنَ اَڻَ ڏِٺَا اَڳِي هُئَا،
”ڪُن فَيَڪُونُ“ ڪَانہ هِئي، نَڪَا ٻِي پَچَارَ
مَحبَتَ سَاڻُ ميهَارَ لايائِين لطيف چَئِي.

(سرسهڻي بيت نمبر1، داستان نمبر6، جلد پهريون، ڇاپو پهريون 2000ع

هن مقالي جي صفحي 12 جو آخري بيت جو سواءِ اعرابين جي، باقي بنهہ دُرست لکيل آهي، آئون پاڻ هر لفظ تي زيرون، زبرون ڏيڻ جي حق ۾ ناهيان، پر حقيقت اها آهي، تہ اسان جو نوجوان زيرن، زبرن وارا بيت بہ مشڪل سان ٿو پڙهي، آئون انهيءَ ڪري بار بار چوان ٿو تہ مونجهاري وارن لفظن تي اعرابيون ڏيڻ گهرجن تہ جيئن پڙهندڙ آسانيءَ سان بنا هٻڪ جي شاهہ لطيف رحہ جو بيت پڙهي، اهو بيت هيئنئين ريت لکيل آهي.

جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويني،
وجي پونءِ پيني، سڪندي کي سڄڻين.
(10/9 سهڻي)

اهو ساڳيو بيت ہانهي خان شيخ واري سهيڙيل رسالي ۾ اعرابيون ڏيئي هيئنئين ريت لکيل آهي:

جَان جَان هُئِي جِيئَرِي، وِرچِي نَہ وِيئِي،
وَڃِي پُونءِ پِيئِي، سِڱندِي کي سَڄَڻين.
(سر سهڻي بيت نمبر 9، داستان نمبر 10، جلد پهريون، ڇاپو پهريون 2000ع)

هِن ئي صفحي ٻارهين تي انگريزي ڪو ٽيشن کان پوءِ لکيل آهي تہ: "نابود ئي اصلي حقيقت ٻڌجي سامهون اچي ٿي." اهو درست طريقي سان نا بودي ئي" ٿيندو.

شمارو 25 سال 2022ع ۾ ڊاڪٽر حسين مسرت جي نالي تي نہ زِير نہ زبر نہ ئي پيش، منجهي پيس تہ نالي جي شروع ۾ سائين لکان يا سائڻ، نالي لکڻ کان پوءِ صاحب لکان يا صاحبہ سو دماغ اِن نالي تي اٽڪي نابري واري ٻيهي رهيو ہئي ڏينهن ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ کان پڇيم تہ ادا هيءَ نالي واري ڳوٺ تہ پيچي ڏي، تہ ڊاڪٽر صاحب وراڻيو تہ ادا اِها مئڊم آهي.

ڊاڪٽر صاحبہ جي مقالي جو عنوان آهي "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي سُر ڪاهوڙي ۽ سُر رامڪليءَ ۾ جدوجهد ۽ مزاحمت جو عنصر" عنوان ۾ "ڀٽائي" ۽ "ڪاهوڙيءَ"جي "ءَ" ڪاڍل آهي، وري هيٺ ہي ست ۾ "شاعري" جي بہ "ءَ" اُڏاڻل، صفحي نمبر 71 جي وچين حصي ۾ "سُر ڪاهوڙيءَ" جي "ءَ" بہ ڳُوريل ۽ ڊاڪٽر صاحبہ جي مطابق ڪلياڻ آڏواڻي ("تہ آڏواڻي" جي بہ "ءَ" غائب) صاحب جي مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي ۾ تعارف هن ريت ڏنل آهي تہ: "ڪاهوڙي" لفظ جي معنيٰ آهي، قبيلن ۾ ڏٽ ڏوريندڙ، هن



سر ۾ انهن سنياسين جو ذڪر آهي، جو ڏيهہ کان ڏور ڏونگرن ۾ الک ڀيا ڏورين ۽ تن کي تسيا ڏيندا وتن". (آڏواڻي،2012، 548)، ڊاڪٽر صاحبہ جي ڏنل ڏس تي ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جي ترتيب ڏنل رسالي جي ان صفحي تي ڏسون ٿا تہ بلڪل شروع ۾ ئي هن ريت لکيل آهي تہ: "ڪاهوڙي" لفظ جي معنيٰ آهي، "جبلن ۾ ڏٽ ڏوريندڙ". هن سر ۾ انهن سنياسين جو ذڪر آهي، جا ڏيهہ کان ڏور ڏونگرن ۾ الک ڀيا ڏورين ۽ تن کي تسيا ڏيندا وتن." ڊاڪٽر صاحبہ "جبلن" جي بدران "قبيلن" ۽ "جا ڏيهہ" جي بدران "جو ڏيهہ" واريون ڪٽي سَچايون ڪيون آهن، پر ڪلياڻ آڏواڻي صاحب واري رسالي ۾ "جا ڏيهہ" جي بدران "جي ڏيهہ" هجڻ گهرجي تہ پوءِ جملو درست پڙهڻ ۾ ايندو. ڊاڪٽر صاحبہ کي عرض آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ان ننڍڙيءَ "ءَ" جي وڏي اهميت آهي. انهن اڇاترين غلطين کي خير ليکي ۾ ئي نٿا آڻيون، پر ڊاڪٽر صاحبہ سُر ڪاهوڙيءَ ۽ سُر رامڪليءَ ۾ جدوجهد ۽ مزاحمت جو عنصر سمجهائڻ لاءِ ٽوٽل پنج بيت ڏنا آهن، جن ۾ چار بيت سُر ڪاهوڙيءَ جا ۽ هڪ بيت سُر رامڪليءَ جو ڏنو آهي. جي ڏنو وڃي تہ سُر رامڪلي، شاهہ رحہ جي گهڻ بيتائو سُرن ۾ ڳڻجي ٿو جنهن ۾ ٽيهہ ڏينهن ۽ ٽيهہ آڪريءَ وارا بيت بہ آهن، ٿلهي ليکي هن سُر جا ساڍا ٽي سؤ جي قريب بيت ۽ ويهن کان بہ مٿي وايون آهن، هنن هيترن بيتن مان ڊاڪٽر صاحبہ کي فقط هڪ بيت هٿ آيو ان جون بہ هٿ چڙ تنگون ٻانهون پيچي لولو لنگڙو ڪري لکيو ويو آهي، هتي لکيل انهن بيتن سان ٽيل جبري جُٽ اوهان کي پسايان ٿو ڍڪڻ ۾ ڍُڪ پري... واري ڳالهہ آهي، اسين شاهہ لطيف رحہ جي بيتن کي درست اچارن تحت پڙهي تہ هوئنئن ئي نٿا سگهون، پر رسالن ۾ عالمن جيئن لکيا آهن، پلا ايئن تہ لکون، سائين فقط پروف جون غلطيون ڇئي پنهنجي جان آجي ڪرائي نٿي سگهجي: ڊاڪٽر صاحبہ صفحي نمبر 73 تي سر ڪاهوڙيءَ جو مشهور بيت هيئنئين ريت لکيو آهي:

تون هڏا ڪُجاڙيا، سنجهي سعيو نہ ڪرين
سوارا سَندَ ڪٽي ڪاهوڙيويا،
آٽيندين ڪِيا، ڏُٽَ ڏوراٽي ڏيهہ جو."
(آڏواڻي 550:2012)

ڊاڪٽر صاحبہ اهو بيت ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي رسالي تان ڪنيو آهي، جنهن ۾ اهو بيت هيئنئين ريت لکيل آهي:

تون هَذِ ڪُجاڙيا، سنجهي سَعيو نہ ڪَرين؟
سَوارا سَنڌَ ڪَٽي، ڪاهوڙيي وِيا،
آٽِيندين ڪِيا، ڏُٺُ ڏُوراٽي ڏيهہ جو؟

(بيت نمبر4، داستان نمبر1، ڇاپو پهريون (سنڌ ثقافت کاتو) 2012ع)

ساڳي صفحي تي ان ئي بيت جي هينان سُر ڪاهوڙيءَ جو هڪ ٻيو بيت هينئن لکيو آهي:

ڏوٿي سا ڏورين، جا جُوءِ سُئي نہ ٻڌي،
پاسا مٿي پاهڙين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
وِجا، اُتِ ووڙين، جتِ نِهايت ناهہ ڪا.
(آڏواڻي، 2012: 550)

اهو ساڳيو بيت آڏواڻي صاحب جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ هينئن لکيل آهي:

ڏوٿي سا ڏورين، جا جُوءِ سُئي نہ ٻُڌي،
پاسا مَٿي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
وِجا، اُتِ ووڙين، جتِ نِهايَتَ ناهہ ڪا

سر ڪاهوڙي بيت نمبر5، داستان نمبر1، ڇاپو پهريون (سنڌي ثقافت کاتو) 2012ع.

صفحي نمبر75 تي سُر رامڪليءَ جو هڪ ئي سڪيلڊو بيت لکيل آهي، ان لاءِ ڀٽائيءَ جي هيءَ سِٽ لکڻ ۾ ڪوبہ عار محسوس نٿو ڪيان:

"ڏيئي ڏَنبَ ڏَڏَنِ، پاڻان ڏِيلُ ڏڪوئيو." شاهہ رحہ)

تہ اهو بيت جيئن لکيل آهي، جڏهن تہ پنهنجي منهن تي ڪارا ليڪا پائي تيئن لکان ٿو:

"ميڙيو پاڻ، پريون ڪيو" جوڳي جَلائين،
سامي سڳڙين سين، خوديءَ کي ڪائين،
هو جي تار تڳائين، آئون نہ جيئندي اُن ري.

(آڏواڻي، 2012:573)

اهو ساڳيو بيت آڏواڻي صاحب واري ترتيب ڏنل رسالي ۾ هن ريت لکيل آهي:



ميڙيو پاڻُ، پريُون ڪِيو جوڳي جَلائِين،
سامي سِڳڙِيُنِ سين، خوديءَ کي ڪائِينِ،
هُو جي تارِ تڳائِينِ، آئون نہ جِيئندي اُن ري.

(سر رامڪلي، بيت نمبر8، داستان نمبر1، ڇاپو پهريون (سنڌ ثقافت کاتو 2012ع)

ڪينجهر جي هن شماري 25 جي آخر ۾ همسر حسين صاحب جو مقالو "ضلعي بدين جي لوڪ شاعريءَ جو اپياس" جي عنوان سان ڇپيل آهي، جنهن ۾ سومرن جي دؤر کان وٺندي موجوده دؤر تائين جي لوڪ شاعريءَ بابت مٿاڇري جاڻ ڏني وئي آهي. ڏهاڪو سال اڳ پروفيسر عبدالله ملاح صاحب جا "جاڙا خان جهل ڪتي کي" وارا وجي مهمان ٿياسين، سائينءَ جيءَ ۾ جايون ڏنيون، مون وٽ هڪ راڪاس جيپ هئي، سائينءَ هفتو ڏيڍ پي بدين ضلعي واري سجي جُوءِ وڙولائي، شهيد دودي سومري جي مزار کان وٺندي ڪِرهيو پانداريءَ (عام لوڪ ايئن نالو وٺن ٿا. باقي اسان جا عالم ڦرهيو پانڌاري لکن ٿا.) تائين سنڌوءَ جا پراڻا وهڪرا، پوڻا پٽ، ڍنڍيون ڍورا ۽ ڇاڙن جي ڇيهہ تائين گهمايائون.

محقق صاحب، پنهنجي مقالي ۾ جيڪي ڳاهہ جا بيت، سانوڻ فقير جا بيت، توڙي سانوڻ فقير جا ساٿاري، يا وري ڏهس ۽ هنر جي جيڪا ڇَندڇاڻ ڪئي آهي، جڻ تہ هُن ڳڻ ڇڏي ٿُمَہ ميڙيا آهن. محقق صاحب صفحي 115 تي سومرن جي دؤر جون چار ڳاهون لکيون آهن، جي ڪڇهرين ۾ عام مشهور آهن. ٽن ڳاهن ۾ تہ چوڪيون چڪون آهن، چوٿين بہ غلطيءَ کان آجي ڪانهي، اهي ڳاهون ڪٿان کنيون ويون يا ٻڌيون ويون آهن، ڪوبہ حوالو ناهي ڏنو ويو شايد ڳڻُ ٻُڇُ ڪري دل جي دَور تي لکيون ويون آهن. محقق صاحب هيءَ مشهور ڳاهہ هينئين ريت ڏني آهي:

اپ سپ ڪنهن اوڇو اپ نہ اِڇو ڪوءِ
مئي بہ مٿي ٿئو سورهيہ سر سندوءِ

مٿئين ڳاهہ ۾ اعرابيون توڙي بيهڪ جون نشانيون پنهنجيءَ جاءِ، "اوڇو" جي لفظ "اڇو" لکيو پيو آهي، ان لفظ سان ڳاهہ جو مقصد سمجهڻ لاءِ پلي پيا مٿا هڻو. اها ڳاهہ اصل هن ريت آهي:

اُپُ سيڪنهن اُوچو اُپَ نہ اُوچو ڪوءِ،
مُئي بہ مٿي ٽِئو سُورهيہ سِر سَندوءِ.

ٻي ڳاهہ محقق هيٺئين ريت لکي آهي:

ٻار پرچو پاڻ ۾، ٻاگهي ڏيو مون،
سڀ ڀِهرِيان سومرا، جهجهي ڏيئي ڀون.

هيءَ ڳاهہ بيهڪ جي، نشانين ۾ بلڪل پوري، پر ٻي سٽ ۾ ڳاهہ جي، سِيرَ وارو لفظ ري ڪاتيءَ ليڪ جڻ ڪُهي ڇڏيو آهي، اها ڳاهہ اصل هن ريت آهي:

ٻَارَ پَرچو پاڻ ۾، ٻاگهي ڏيو مُون،
سَڀ پَهرَايان سومرا، جهجهي ڏيئي ڀُون.

ڪي سگهڙ وري اها سٽ هن ريت بہ پڙهن ٿا تہ:

سَڀَ پَرهِيان سومرا، جهجهي ڏيئي ڀُون.

مٿئين بيت جي معنيٰ مطابق تہ علاؤالدين چئي ٿو تہ:

اوهين ٻائر پاڻ ۾ سرچي ٻاگهيءَ جو سڳ مون کي ڏيو تہ اوهان کي پوشاڪون، خلعتون بخشي، پهرائي ۽ انعام اڪرام ڏيئي، پري پري تائين زمين جي مالڪي بہ ڏيان:
ان تي ننگر جي جواب واري هيٺئين ڳاهہ مان بہ ڪارائتو لفظ ڪاڏل آهي، جا هن ريت لکيل آهي:

ٻاگهي ٻاگهي مَ چئو ٻاگهي مون مائي،
ٻاگهي وٽي نانء، تنهن وات وڍيا وائي،
ڇڏيان سر سلطان جو، ڪنن سان.

اها ڳاهہ اصل هيٺئين ريت آهي:

ٻاگهي ٻاگهي مَ چئو ٻاگهي مون مائِي،
ٻاگهيءَ وٽي نانءُ جو تنهن وَاتَ وڍيان وائِي،
ڇڏيان سِر سلطان جو ڪنن سين ڪائِي.



معنيٰ تہ جيڪو ٻاگهيءَ جو نالو وٺي ان جي زبان ڪپي ڇڏيان، ۽ بادشاهہ جي سِسِي تلوارن سان وڍي ڇڏيان.
چوٿين ڳاهہ جي آخري سٽ ۾ رهن بدران (رمن) جنهن جي معنيٰ بنا ڊپ ڊاءَ جي بيپرواهہ ٿي نينگ ٽپا ڏين، ڪُڏي جنگ ۾ پون. وڌيڪ بهتر بہ اهو لفظ لڳي ٿو محقق صاحب اها ڳاهہ هيٺئين ريت لکي آهي:

دودو چنيسر پاڻ ۾، ٻئي پٽ دودي سڏجن،
سي پڙپوٽا پونگر جا، ٿارونشي راند رهن.

محقق صاحب صفحي 116 تي مرڪان شيخڻ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو مرشد ڪِرهيو ڀانڊاري، محقق صاحب لکيو آهي. پر اصل حقيقت پروفيسر عبد الله ملاح صاحب ٻڌائيندو. ان بابت پروفيسر ملاح صاحب جو ڪم ٿيل آهي.
صفحي نمبر 117 تي محقق صاحب لکيو اهي تہ: ”نڙ بيت جي شاعري ان وقت ٻيا شاعر بہ ڪندا هئا، ڪبير شاهہ، ابراهيم شيخ، شيخ احمر، مولا بخش خاصخيلي، سي گهڻ شاعر ڪونہ هئا.“ محقق جن شاعرن جا نالا لکيا آهن، تن ۾ سواءِ مولا بخش خاصخيليءَ جي، ٻيا سانوڻ فقير جي ڄمڻ کان بہ سائيڪو سال اڳ وفات ڪري ويا هئا. جنهن کي محقق صاحب ”شيخ احمر“ ڪري لکيو آهي ان جو درست نالو شيخ ”حمر “ آهي، جو شاهہ لطيف رحہ جو ننڍو همعصر هو. محقق صاحب جن شاعرن جو شروع ۾ ذڪر ڪيو آهي، تن ۾ مولابخش خاصخيليءَ کان سواءِ ٻيا ٿيئي شاعر اٿل (لسٻيلي) جا هئا. سانوڻ فقير جي ساٿارين ۾ پاهڙ دل، غلام حسين عرف غلامو مغل، طيب خاصخيلي، مريد پالاري، گل محمد عرف گلو ڪوسو، شادمان خان عرف شادو مري، مرزا خان عرف مرزو نوحاڻي، منور علي عرف مُنو چانڊيو، الله ڏنو نوناري، محمود شيخ ۽ ڪي ٻيا بہ سانوڻ فقير جي ساٿارين ۾ ڳڻي سگهجن ٿا. هن ئي صفحي تي محقق سانوڻ فقير جي ساٿاري شاعرن جا نالا هن ريت ڏنا آهن، جن ۾: ”صديق خاصخيلي، توڏو فقير، مدو فقير نظاماڻي، مولا بخش خاصخيلي جا نڙبيت سانوڻ فقير جي انداز کان آجا ناهن.“
جيئن تہ صديق خاصخيلي، توڏو فقير مري، مدد علي نظاماڻي عرف مدو فقير نظاماڻي ۽ مولا بخش خاصخيلي، سانوڻ فقير جا فقط ساٿاري نہ پر سندس ٻالڪا پڻ هئا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب بہ سانوڻ فقير جي ٻالڪن ۾ انهن جا نالا لکيا آهن. محقق صفحي نمبر118 تي سانوڻ فقير جا ٻہ بيت ڏنا آهن. جن ۾ لفظي ڪچايون تہ پنهنجيءَ جاءِ پر هڪ بيت مان تہ پوريون چار سٽون ئي ڪاڏل آهن. محقق صاحب انهن بيتن جي هينيان. (سانوڻ فقير رسالو ص 139) ۽ (سانوڻ فقير رسالو ص 161) لکيو آهي، مون کي سانوڻ فقير جي ڇپيل رسالي جي ڄاڻ ناهي. باقي سانوڻ فقير ۽ سندس ساٿاري شاعرن جا بيت ڪچهرين ۾ هلندڙ هئا. سي ڊاڪٽر نبي بخش خان سهيڙي ڪتابي صورت ۾ "نڙ جا بيت" نالي ڇپايا. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1970ع ۾ ۽ ٻيو ڇاپو 1999ع ۾ ڇپيو. محقق صاحب صفحي نمبر126 تي ڪتابن جي حوالن واري فهرست ۾ "نڙ جا بيت" 1999ع واري ڇاپي جو نالو بہ ڏنو آهي، پر سانوڻ فقير جي بيتن هينان جيڪي صفحا نمبر لکيل آهن. اُن نمبر واري صفحي تي اهي ٻئي بيت هن ڪتاب ۾ لکيل ناهن. محقق صاحب خبر ناهي سانوڻ فقير جا اهي ٻئي عام مشهور بيت ڪهڙي سانوڻ فقير جي رسالي تان ڏسي لکيا آهن. اهي بيت اڄ بہ ڪچهرين ۾ سگهڙ عام طرح ڏين ٿا. محقق صاحب انهن بيتن جا هن ريت ليکا لاٿا آهن:

خود پنهنجي خدا سين، آئون رات بہ ٽيس روءِ
ڪوجها ڍڪيم ڪپڙا، ٻيو سيل بنايم سوءِ
اسان عاشقن جو آهي هنڌ مڪان هوءِ
سچي سڪ سانوڻ چئي، آئون سچو طاب اوءِ
الله جل جلالہ، رکندو پاڪ پناھ ۾
(سانوڻ فقير رسالو ص 139)

اهو بيت سگهڙَ ڪچهرين ۾ هينئين ريت هاڪاري ڏين ٿا، جو وڌيڪ درست آهي:

خود پنهنجي خداسين، آئون رات بہ ٽيس رُوءِ
ڪوجها ڍڪيم ڪپڙا، ٻئو سِيل بنايم سُوءِ
اسان عاشقن جو آهي، هنڌ مڪان هُوءِ
سچي سڪ سانوڻ چئي، آئون سچو طالب اُوءِ
الله جل جلالَہ، رکندو پاڪ پناھ ۾.



سانوڻ فقير جو ٻئو هي مشهور سُر مارئيءَ جو بيت، جنهن سان محقق صاحب جيڪا جُٺ ڪئي آهي، سا ڳالهہ ٻُڌڻ ڪان پري آهي. جنهن ۾ لفظ تہ پنهنجيءَ جاءِ سِٽن جون سٽون ئي غائب آهن. اهو بيت صفحي نمبر118_119 تي هينئين ريت ڏنل آهي:

ماڙي چڙهيو مارئي، بيٺي ڏسي اباڻا،
پکا تن پنهوارن جا، آءُ سيئي سڃاڻا،
هو پُونگا، هو پيٽيون، هو ٿاڪ هو ٿاڻا،
هو ٿر ٿوهر، هو ملڪ موهر، ڪٿ ڪوهر ڪن ٻنيون ٻاباڻا،
هو واندييون، هو ويڙها، هو منڊل، هو ميڙا هو آهن ماڳ بہ ماٺاڻا،
هو پکا هو پيهيون، هو مال مينهيون هُو پِٽون هو پاڻان
آءُ ڪريان پيئي ڪوٽن ۾، رويو راماڻا
بگيون تن جون برن ۾، ڏين اڇيون اولاڻا،
اڇن وهائيو ڏين اونايو جن جا ڏُکن تي داڻا
منگهہ ولوڙيو، منڌيون موڙيو ڪڍن چوڙيليون چاڻا
ڏسيو برساتيون، لڳن جيءَ ۾ ڪاتيون نٿا وڻن وهاڻا
عمر ڄام! تنهنجي سام، اڇي پيا آهيون غريب غيباڻا
عمر ڄام! تنهنجي سام، اسين آهيون ننڌر نماڻا.
(سانوڻ فقير رسالو ص 141)

هن مٿئين بيت ۾ اعرابين، بيهڪ جي نشانين، لفظي اچارن، سٽن مان ڪاڏل لفظن کي ليکي ۾ ئي نٿا آڻيون. هن بيت مان بہ آخري سٽون جن مان هڪ سٽ ۾ سانوڻ فقير جو نالو بہ آهي، بہ وچ ڪان هيٺ واريون سٽون بہ غائب آهن. اهو ساڳيو بيت ڊاڪٽر بلوچ صاحب بہ ڪتاب نڙ جا بيت ۾ ثابت سٽن سان ڏنو آهي. (ص ٦-٧٥ ڇاپو ١٩٩٥ع)
ڊاڪٽر بلوچ صاحب واري ڏنل بيت ۾ بہ اچارن جون بہ ٽي چڪون ضرور آهن. اهو بيت هاڪاري هيٺ لکان ٿو هي بيت مشهور بيتائيءَ ساجن چانگ ڪان بہ ٽن ڪچهرين ۾ ۽ بہ ٽي ڀيرا هن وقت جي مشهور بيتائي ۽ پنهنجي دوست علي گل پِتيءَ ڪان ورائي ورائي ٻڌو آهي، اهو بيت سمورين سٽن سميت هيٺ لکان ٿو:

ماڙيءَ چڙهيو مارئي، پيئي ڏسي اباڻان،
پکا تِن پنهوارن جا، آئون ثابت سڄاڻان،
هُو پُونگا هُو پيٽِيُون، هُو ٽاڪَ هو ٽاڻان،
هُو ٿَرَ هُو ٿُوهَرِ هو مُلڪ هو موهر،
هُو ڪتون هو کُونهر جت ٻنيون ڪن ٻاٻاڻان،
هووَانڊِيون هووَيڙها، هومنڊيل هوميڙا هواَهِن ماڳ ٻه ماٺناڻان

هُوپکا هُوَپيهِيُون، هومالَ هُومِينهيُون هُوپِٽون هوپاڻان،
آئون ڪريان پيئي ڪوٺن ۾، رويو راماڻان،
ٻَگيون تِن جون ٻَرن ۾، ڏين اَڇِيُون اولاڻان،
اڇن وهائيو ڏين اونايو، جن جا دُڪن تي داڻان
مَنگهَه وِلوڙيو مَنڊِيون موڙيو، ڪڍين چُوڙيلِيون چاڻان،
جهُڙ تي جهانگي سونهن سانگي، مون کي ساهه اندر سيپاڻان،
پِرين پَلاٽي هليا ساٿيهه اُترئون آٽي ڪيا مينهن مانڊاڻان،
ڏِسيو برساتون لَڳن ڪاتيون، نٽا وٽن وِهاڻان،
عمر ڄام تنهنجي سام، اسين غريب غيباڻان،
عمر ڄام تنهنجي سام، اسين ننڍڪ نماڻان،
تن سنگهارن جا ساوڻ چئي، مون کي سور ٻه ساماڻان،
وس پلي مير ڏٽي مُهراڻان، ته منهنجي ڏوٿين تان ڏڪار لهي.

بيت جي قافيي ۾ "ن" استعمال ٿيل آهي، جو بيتائي اهو "ن" هلڪو اچارين ٿا، تنهن ڪري هتي لکيو آهي.

محقق صاحب صفحي نمبر 122 تي طالب لوهار جو هڪ ڏهن سٽن جو بيت ۽ ٻيو ساڍين چار سٽن جو بيت ڏهس ڪري لکيو آهي، هو لکي ٿو ته:

سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي داستانن جو گهرو اثر آهي پاڻ سنڌ جي مختلف داستانن کي ڏهس جي صورت ۾ هڪ لفظ کي مختلف نمونن سان ساڳي معنائن ۾ لکيو آهي. سر مارئيءَ جي 'گهر' تي ڏهس چيل آهي، ان ڏهس ۾ مارئيءَ جي گهر جو نقشو چٽيل آهي جنهن ۾ لانڍيءَ



جو هُل هُڳاءُ بنگلي کان ٻه وڌيڪ آهي. انهيءَ جي فڪر جي عظمت کي نموني طور ڏهس ۾ ڏجي ٿو:

ڏهر گهر سُر مارئي،
1. پونگو 2. گهر 3. محلات 4. چؤنرو 5. ڪوٽ 6. چؤنڪي 7. بنگلو
8. صفحو 9. ماڙي 10. لانڍي.

1. پونگو — پٽن پر هوندا، پونگا پڙيتار جا،
2. گهر — وجي گهر گهمي ڏسان گاڏيليون گوندا،
3. محلات — محلاتن ۾ مارئي، اهو سخن ڪيئن سهندا،
4. چؤنرو — چاڳ وساريان چونرن جا، چڱا چا چوندا،
5. ڪوٽو — ڪوٽا شال قادر ڪري، ڦُوڙي سپ ڦوندا،
6. چؤنڪي — چونڪين جي چوئاڪن جا، ڏٻر پيا ڏوندا،
7. بنگلو — بنگلن منجهه بندياٽي ٿي، هٿ رويو پيا روندا،
8. صفحو — صفحن منجهه سندم سڄا، سانگي ناسونهندا،
9. ماڙي — ماڙين ۾ ته پٽرپون، شل پکن منجهه پوندا،
10. لانڍي — هل هڳاءُ هوند، لانڍين منجهه لوهار چئي."

(طالب لوهار ص 8)

طالب لوهار جا بيت پنهنجي جاءِ جَس لائق آهين، پر "ڏهس" واريءَ صنف کان ڪوهين پري، سنڌي لوڪ شاعريءَ ۾ سينگار ۽ ڏهس ٻه اهڙيون الڳ صنفون آهن، جن ۾ محبوب/پياري پرينءَ يا ڪنهن سونهن ديويءَ جي حُسن جي ساراهه جا ڏُڪ پريل هوندا آهن. سينگار ۾ محبوب جي سموري سونهن، سيرت صورت، خوبين توڙي وصفن جي ساراهه، سنڌي بيت واري سٽاءَ ۾ لفظن کي موتين وانگي پُوئي ڪئي ويندي آهي. سينگار جو استاد شاعر جلال ڪٽي آهي. نموني طور سندس هڪ سينگار جو بيت جو عام ڪچهرين ۾ هليل بيت آهي هيٺ ڏيان ٿو اهو بيت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب طرفان سهيڙيل "سنڌي سينگار" واري ڪتاب ۾ ٻه لکيل آهي.

تيئن ڪي اَبر بهار، جيئن ڪنول ڳيس قريب جا،
اَلِيهرَ جيان اُلِٽي پيا، ڊَريا گلبدن مٿي ڊَار،
سَروَ کان وڌ سُوڌا پرين مُک موتين کان موچار،

هَنجَ ڏِسي لوڏَ لِڪي وئا، ٿيا گَنيَرِ بہ گرفتار،
چِڙي شمس شُعاع وئو گڏجي منجهہ غبار،
مِٺي ٻولي ٻاجهہ پري، ڪري ڪوئل نہ ڪوڪار،
سڄڻ منجهہ سنسار، آهن جانب وڏ جلال چئي.

ڳَيس = وار، اَلِيهرَ = ڪارا نانگ، سَروُ = هڪ قسم جو وڻ جيڪو سِڌو ۽ ڊگهو هوندو آهي، گنيَر = هاٿي.

سنڌي سينگار بيت جي شاعرن جي ڊگهي قطار آهي، جلال ڪٽي، خالو ڪٽي، خضر ڪٽي، ڏاتو ڪٽي، ملان خوشحال ڪٽي، سليمان چارڻ، گلاب چارڻ، مِيُون شاهہ عنات، شاهہ لطيف، شيخ حمر، شيخ ابراهيم، ڪبير شاهہ، ولي محمد رونجهو نم مڱٺهار، مڱيو براديو، مينهَن پالاري، حمل فقير، شاهہ محمد ديدڙ ٻيڙو ڪنيار، ملوڪ عباسي، عبدالرحمان مهيسر، ڪان سليم لالاڻيءَ تائين ڪيترن جا نالا ڳڻائجن.
’ڏهس‘ جهڙي صنف ٻي ٻوليءَ جي لوڪ ادب ۾ ملڻ مشڪل آهي. ڏهس ۾ وري محبوب جي انگن، عضون: ڪن، نڪ، چپن، ڳَلن، اکين، ڳچيءَ، سيني، وارن، چيلهہ، هٿن، پيرن، آڱرين، هلڻي چلڻيءَ يا ٻين انيڪ ادائن کي تشبيهاتي طور ڪنهن هڪ انگ يا ادا کي ٻين ڏهن يا وڌيڪ ٻولين جا لفظ چونڊي محبوب جي ساراهہ ڪئي ويندي آهي. جيئن استاد شاعر جلال ڪٽيءَ جو هينيون، مشهور ڏهس جيڪو ڪڇهرين ۾ عام هليل آهي، ڊاڪٽر بلوچ صاحب بہ سنڌي سينگار واري ڪتاب ۾ ڏنو آهي، سو هيٺ ڏجي ٿو:

پانو، پُونو، پُنِرو، چاند، چَندور ۽ چَند،
قمر ڪين ڪمايو، جو باري لڳس بَند،
نَوخَ نشانبر نميا، پيس چاهہ چَمند،
ٿاهہ ٿَمر جي ٿا جِهمن، پُورب، ماهہ، مَڪرند،
ڪير ڪيائي ڪنڌ، جانب ڪان ”جلال“ چئي.

هن وقت جي هنر جي نامياري شاعر سگهڙ محمد سليم لالاڻيءَ، محبوب جي ڏندن ۽ مُک کي موتيءَ ۽ سون سان تشبيهہ ڏيندي مختلف ٻولين مان موتيءَ ۽ سون لاءِ لفظ چونڊي پُوئيا آهن:



ڏند ڏس محب سندا، سُت، سُندر چا بدر اڳيان بدن،
دُر دُوڙر ذُهب، تاهل، توڙر، موتي فيم پر احمر رنگ عجيبن،
سَونُ زر، زرناب، زرخام، ڪلا ڪنچن ۽ ڪلهي جُوسي نہ ڪُنلن،
ٿُون تِڪا، سُرلِيون ”سليم“ چئي چا سونهن مُک اڳيان محبوب جي

مصنف صفحي ١٢٣ تي، طالب لوهار جو هڪ هنر هيٺئن ريت ڏنو آهي:

”لفظ ’چِٽ‘ تي سُر نوري ڄام تماچي.

| | |
|---|---|
| 1. آيو چڙهي چاهہ مان چاهل مٿي چِٽ | چِٽ:: چھہ ڏندو اُٺ |
| 2. چڄن، ڪارين ڪکين مان اڇي نہ چِلر چِٽ | چِٽ: بدبوءِ، ڏپ، ڪني ڏپ |
| 3. اُت ڄام تماچي آئيو چِڳيرن جو چِٽ | چِٽ: تاج، ڍڪ |
| 4. تون ماڻڪ موتي چِٽ، لالون لک لوهار چئي. | چِٽ: چِٽڻ، هارڻ، اڇلائڻ، گهورڻ“ |

(طالب لوهار، ص 195)

هنر جهڙي شاعري بہ ٻئي ڪنهن لوڪ ادب ۾ اڻ لڀ آهي، هنر جڻ هڪ لفظي لِڪ لڪوٽيءَ واري راند آهي، جنهن ۾ لفظي تجنيس ۽ صنعت جنس جو وڏو عمل دخل هوندو آهي، جنهن ۾ لفظن جي، ڀيج گهڙ ۾ اجان ئي ٻيو قصو ظاهر ٿي پوندو آهي، جيئن دراهي هنر ۾ هوندو آهي، هنر واري شاعريءَ ۾ ڪم آندل سِير وارو لفظ ذو معنيٰ هوندو آهي، هنر جا پنج قسم ليکجن ٿا (i) لفظي تجنيس وارا هنر (هڪ جهڙن لفظن ۾ سمايل تجنيس) (ii) گهڻ لفظي تجنيس وارا هنر (جدا جدا لفظن ۾ سمايل تجنيس) (iii) دُراها هنر/دَوراها هنر (iv) ست سُرا هنر (v) چيروان هُنر.
محقق هتي هڪ لفظي تجنيس وارو هنر ڏنو آهي، جنهن کي رواجي يا سادو هنر بہ چئجي ٿو، سو بہ بنا بيان ڪرڻ جي لکيو ويو آهي. هنر جي هرهڪ سٽ ۾ سِير واري ذو معنيٰ لفظ جي کول ڪري، ان کي بيان ڪيو ويندو آهي، جيئن ان جي لڪل معنيٰ ۽ مطلب ظاهر ٿي بيهي، اها ئي هنر جي اصل ڪاريگري آهي. پر محقق صاحب اها ڳالهہ پڙهندڙن تي ڇڏي آهي، جا هنر جي ڪچائي ليکبي ۽ اهو اڌورو هنر ليکبو جو ڪچهريءَ ۾ قابل قبول ناهي. محقق صاحب پهرين سٽ ۾ سِير وارو ذو معنيٰ لفظ ”چِٽ: چهہ ڏندو اٺ“ (چهہ) ڪري لکيو آهي پر چَٽُ معنيٰ چُڳُہ سالو اٺ يعني ڇئن سالن جو اٺ، جو سواريءَ لائق هوندو آهي، اٺ جي ڄمڻ کان ويندي موٽيل عمر تائين

جا نالا ٻڌائجن ٿا: مَزاتِ، گورو دَوڪُ (ٻهاڻ)، تياڻ، ڇُوسالو (ڇٽ، ڪنواٽ) پانجارو (چوڳو) دَوڪائي، ڇڳو نَيشُ، پُورنِيش، اَرموش وغيره آهن. ماشاالله بدين واري تر ۾ به انن جي کوٽ ڪانهي، پر جهنگ ۾ وڃي ڪا ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ پيرن جون ترڻيون پوسرائٽيون پونديون، هٿ جي ترڻيءَ تي اهي شيون هٿ نٿيون اچن. آئون هتي ماما لعل محمد پالاريءَ جو هڪ سَڱ/ماٽيءَ جي لفظي تجنيس وارو هنر هيٺ معنيٰ ۾ بيان سان لکان ٿو ته جيئن هنر جي کول جي چڱي طرح پروڙ پئي:

1. ڪاڪي چڏي وِئين مامي چڏي وِئين سَؤٽ ڪري وِئين تون،
2. آئون اَمان تنهنجي آهيان، پُڦِي ڏس تون،
3. آئون اَدي تنهنجي آهيان، ڏاڏي چڏي وِئين تون،
4. ماسات مون نه وسري، سالي ڪري وِئين تون،
5. ماسڙ پيٽيو هئو مون، تون پلڪ نه ترسين "پالاري" چئي.

جي هنر جي کول ڪنداسين ته سُر مومل راڻو آهي، جنهن ۾ بظاهر ته مومل جي راڻي سان انهن سَڱن واري ڪا به مائٽي ڪانهي.

1. ڪاڪي چڏي وئين، نه "ڪاڪِ چڏي وئين"
مامي چڏي وئين، نه "مان مُئي چڏي وئين"
سؤٽ ڪري وئين، نه "سؤ ٽي ڪوهه ڪري وئين" (ايترو پري هليو وئين)
2. آئون امان تنهنجي آهيان، نه "آئون اُماڻَ" (امانت) تنهنجي آهيان.
پُڦي ڏس تون، نه "پُڇي ڏس" (ٻين کان به) تون.
3. آئون اَدي تنهنجي آهيان، نه "آئون اُڌِي" (سڄي ساري) تنهنجي آهيان.
4. ماسات مون نه وسري، نه "مان ساعت نه سَري،"
سالي ڪرين وئي تون، نه "سال ڪري وئين تون" (ايڏو وڇوڙو وجهي وئين)
5. ماسڙ پيٽيو هو مون، نه "مان ساڻ پيٽ هئي" (سُتل هئي)
تون پلڪ نه ترسين پالاري چئي (هونئن ئي ياڙيو ٿين)

سائين منهنجا اهي وِٿون پرماريت سان نٿيون ملن.

ڪينجهر، شمارو ٢٦ سال ٢٠٢٣ع ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار علي جلباڻي صاحب جو مقالو: "شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري جي مختلف پهلوئن جو تحقيقي اڀياس" جي



عنوان سان لکيل آهي. اتان "ڀٽائيءَ" جي "ءَ"، صفحي نمبر١٢٨ جي آخري سٽن ۾ "حڪمراني" جي "ءَ"، صفحي نمبر١٢٩ تي "ڀٽائي" جي "ءَ" به غائب آهي. "ءَ" جي سنڌي ٻوليءَ جي لکائيءَ ۾ جيڪا اهميت آهي، سا پنهنجيءَ جاءِ، آئون ان اوڻائيءَ کي هيڪ پاسيرو ٿو ڪيان. وري هن مقالي ۾ جيڪي پروف جي چُڪن جا ڇِٽَ ڇٽيل آهن، سي اَيايُون الڳ ٿيون چرن تن جو ڏڻ ئي ڏار. صفحي ١٢٨ جي وچ وارين سٽن ۾ "سخين سخاوتون جون" ۾ پوکون راهون صفحي ١٣٠ جي مٿين سٽن ۾ "ڪئيسين" (ڪئي سين) صفحي ١٣١ جي شروع ۾ وري هن جملي کي ڏسون: "۾ اهي فطري رنگ ۾ نظارا شاهه صاحب جي اندر ۾ ڪيئي موج مستيون پيدا ڪيون آهن." هن ئي صفحي تي هيٺ جتي پکين جا نالا لکيل آهن، ٻاٻيهو جي بدران "ٻابيهو" "چيڙ" صفحي نمبر١٣٢ تي ٻبر جي بدران "ٻبر" هن ئي صفحي تي بنا ڪنهن تحقيق جي "جر، (جوئر، جمر يا بيد جو وڻ، لئي جنهن کي جائو به چون ٿا." شاهه لطيف رحہ جو هي بيت گهڻي ڀاڱي سڀني رسالن ۾ لکيل آهي:

وَڏا وَڻ وَڻڪارَ جا، جِت جائُو جَمُرَ جَرَ،
ڪوسا تَپَنِ ڪَڪِرا، ٻِيِ دَمِدَم تَپي ڏَرَ
ويچاري ڏي وَرَ پيرَ نه لهي پِرِيَ جو.

(سر آبري بيت نمبر٨ داستان نمبر٢، ص. ٣٩٢، ڇاپو ڀيريون، غلام محمد شاهواڻي)

جائو مشهور جبل آهي، جو لسٻيلي جي اترئين ڪنڊ کان ڏاکڻئين ڪنڊ تائين پيو وڃي، ان کي گهڻي ڀاڱي سڀني عالمن جبل ڪري لکيو آهي، پر محقق صاحب اُن کي لئيءَ جو وڻ ڪري ڇڏيو آهي. ان ئي صفحي ١٣٢ تي محقق "پوهي راهي" جا درست پوکي راهي ٿيندي، اهي سڀئي سَهوُون محقق صاحب کي مباح آهن، جو هن پنهنجي مقالي ۾ ڪي ڪارائتيون ڳالهيون سَوَلي نموني سان سمجهايون آهن. آئون محقق صاحب جو قدر ٿو ڪيان، پر ڀٽائي گهوٽ جي بيتن جي بيدرديءَ سان وَڍَڪُٽ منهنجي مذهب ۾ مها پاپ آهي...." جلباڻي صاحب پنهنجي هن مقالي ۾ شاهه لطيف رحہ جا پنج ثابتا ۽ ڇهين بيت جي هڪ سٽ ڏني آهي، ڪو هڪڙو به اهڙو بيت ناهي جو چُڪن کان آجو هجي. اهي بيت سائين کهڙي رسالي تان کنيا آهن، اهو به ڄاڻايل ناهي. ها اها به محقق صاحب جي مهرباني جو بيت جي هيٺان سُر جو نالو ڏنو اٿس. سُر سارنگ جو هڪ بيت شاهنواز سوڍر صاحب جي ڪتاب ۾ سُر ڪاموڏ جو

هڪ بيت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي ڪتاب تان ڪنيو ويو آهي. تحقيقي مقالي ۾ هئڻ ته ائين کپي جيڪڏهن اصل ماخذ موجود آهي ته اها شيءِ اتان ڏسي لکجي، پر جي ڪنهن سبب ڪري اصل ماخذ اڻلڀ آهي ته پوءِ حوالو در حوالو به ڪٽي سگهجي ٿو. ماشاءالله اسان وٽ ته شاهه لطيف رحه جي رسالن جي ڪمي ڪانهي، انهن رسالن ۾ گهڻي ڀاڱي مقالي ۾ ڏنل شاهه لطيف رحه جا سڀيئي بيت موجود به آهن. مون جيڪا اصل ڳالهه ڪرڻ چاهي ٿي، اها رهجي ويئي آهي. گل حسن ڪلمتيءَ ۾ مون پنهنجي ڪتاب ”سسئيءَ جي واٽ“ لاءِ جبلن ۾ پيي جهوتون ڏنيون، ته اسان کي ڪيترن ئي اڻ لڀ ماڳن جي ڳل پيئي، جي اسانجي عالمن کان اوجهل هئا. پر عالمن انهن لفظن جي ڪا نه ڪا معنيٰ ضرور لکي ڇڏي جا سندن فرض ۾ شمار هئي، جيئن: وٽڪار، ويڙهه، ٻرِ ۽ ڪهه ڳڻ. اهي سڀيئي ماڳ اڄ به انهن نالن سان سڏجن ٿا. انهن ماڳن جي نالن سان ڪو هڪ اڌ بيت هجي ته ڪٽي بس ڪجي، پر ويهه بيت، پندرهن بيت، ڏهه ڏهه بيت ته پوءِ ان شيءِ جو ته پيير ڪڍڻ گهرجي. هيئين سٽ ۾:

”وڏا وڻ وٽڪار جا، جت جائو جَمرَ جَر،“

سيني رسالن ۾ هن وقت تائين ٿوري گهڻي ڦيرڦار سان ”جمر جر“ کي وڻن جي معنيٰ ۾ لکيو ويو آهي، اسان ڪافي عرصي کان پوءِ پنهنجا پير پٽون ڪري، حضدار کان مُنو سَئوُ ڪلوميٽر پٻ جابلو سلسلي ۾ اهو اڻانگو ماڳ جو اصل ۾ ”جَومَر جَرِ“ آهي ڳولي لڌو. اسان جي انهن عالمن سڳورن جا پاڪ روح به اوڏانهن پرواز ڪري نه ويندا گستاخيءَ جي فقير معافي ٿو مڱي، سائين هيءَ اَڳَ تان ماڪي لاهڻ وارو ايڏو آسان ڪم ناهي، عقل کان پيدل ماڻهو اهي ڪم ڪندا آهن؛ عقل سڳوري کي اُنِ جي گهر جو پَتو آخر تائين هٿ ناهي ايندو. آئون پاڻ کي ان مخلوق ۾ شمار ٿو ڪريان. محقق صاحب صفحي ١٢٩ تي سُر آسا جو هڪ بيت هن ريت ڏنو آهي:

جي تو فارسي سِکئو، گولو تون غلام،
اُڃيو تان آبُ گهري، بُکيو تان طعامُ،
جو ٻَڌو ٻن ڳالِهئين، سو ڪيئن چائي جامُ،
ايءَ عامن سندو عام، خاصن منجهان نه ٿِئي.

(سر آسا) (شاهه)

هي بيت گهڻي ڀاڱي سيني رسالن ۾ موجود آهي، ڪن رسالن ۾:



”گولو توءِ غلامُ، جي فارسي سِکِئِ“

ته ڪن رسالن ۾ وري اها مٿئين سٽ هن ريت لکيل آهي:

”جي فارسي سکِئِ، گولو توءِ غلامُ،“

ته ڪن رسالن ۾ اها سٽ هيٺئن به لکيل آهي:

”جي ٿُون فارسي سِکِئين، گولو توءِ غلامُ،“

پر محقق صاحب جي لکيل اها مٿئين سٽ ڪٿي به برمچي نٿي. آئون بيت غلام محمد شاهواڻي جي سهيڙيل رسالي تان ڪٽي هِت لکان ٿو.

جي فارسِي سِکِئو گولو، توءِ غُلامُ،
جو ٻَڌو ٻِنِ ڳالِيين، سو ڪنءَ چائي ڄامُ؟
اُڃو تان آبُ گهُري، بُکِئو تان طَعامُ،
اِيُ عامِنِ سندو عامُ، خاصِنِ مَنجهان نه ٿِي.

(سر آسا، بيت نمبر٢٣، داستان نمبر٤، ص ١٠٢٤، ڇاپو ڀهريون)

صفحي نمبر١٣٠ تي هيٺيون بيت هن ريت لکيل آهي:

سانوڻ لَهِرون، ٿَر وارِي، تِرَ، وارَ،
اِنهائي اَپَارَ مون سين ڀلي ڀال ڪيا

(سهڻي)

محقق صاحب اهو بيت شاهنواز سوڍر جي ڪتاب: ”سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف“ جي صفحي ١٣٣ تان ڪنيو آهي ۽ حوالو هن ريت درج ڪيو اٿس: (سوڍڙ: 1991: 23، 33) هاڻي ڀلي پيو ڳولڻ وارو ڳولي، هڪ سَؤُ صفحا سچيتائيءَ سان وري اڳتي ڳولي. پر محقق صاحب تي ڪهڙي ميار رکجي جنهن ’سوڍر‘ کي ”سوڍڙ“ لکي ڇڏيو آهي. خير انهن ڳالهين تي مٿو هڻڻ اجايو آهي. هن بيت ۾ مٿيئن سٽ ۾ گهڻائيءَ ۽ اڻڳڻيائيءَ جي پڌائي رحه ڳالهه ٿو ڪري ته: سانوڻ ۾ درياء بادشاهه جون اڻ ڳڻيون لهرون ، ٿر ۾ واري به بي انت، تِرَ (ڪائڻ وارا) ۽ مٿي جا وار به بي عدد هجن ٿا، پر مالڪ رب العالمين جا انهن سيني بي انت شين کان به مٿي مون تي وَڙ آهن. شاهواڻي صاحب پنهجي سهيڙيل رسالي جي صفحي نمبر٣٦٤ تي هي بيت ڏنو آهي ۽ تِرَ لفظ جي معنيٰ ”خال“ يعني محبوب جي مُک وارو ”تِرِ“ ڏني آهي، ته پوءِ ميار ڪنهن تي رکجي.؟ سائين اهو ”خال“ به هر مک تي ناهي هوندو جو گهڻائيءَ ۾ ڳڻجي.

اهو بيت ڪوهستاني تر ۾ شاهه لطيف رحه جا پارڪو هيئين ريت پڙهن ٿا:

سانوڻَ لَهِرُون رَيجَ، وڻ ٽڻ، وَارِي، وَارَ
اُنهِيائين اَپارَ، مون سين پَلي پالَ ڪِئا.

سر سارنگ جو هيئيون مشهور بيت جو محقق صاحب حوالو در حوالو ڪري ڪٽي هتي لکيو آهي، جڏهن تہ هي بيت سڀني رسالن ۾ موجود آهي. هن بيت جي ٻي سٽ جي شروع ۾ لفظ آڙيون لکيل آهي، آڙي هڪ روهاڪي پکي آهي ۽ پرديسي پکي پڻ. هو آهي ئي پاڻيءَ جو پکي رهي ئي پاڻيءَ ۾، هتي شاهه لطيف رحه ان ننڍڙي جيت کي ساريو آهي، جو تاڙي پکيءَ وانگي مينهن لاءِ ماندو آهي، پنهنجي سنهي تيز آواز وسيلي ميلن تائين ٻانڏا ٻُرايو ڇڏي، جنهن کي سڄي ڪوهستان پٽيءَ ۾ آرَ/چِزو بہ سڏين. محقق صاحب اهو بيت هيئئين ريت لکيو آهي:

سارنگ کي سارين، ماڻهو مُرگِهہ مِينهُون،
آڙيُون اَبَر آسري، تاڙا تنوارِين،
سِپُون جي سمونڊ ۾، نئي سر نِهارِين،
پَلَرَ پيارين تہ، سنگهارن سک ٿئي.
(سوڍڙ:1991:142)

اهو بيت سڀني رسالن ۾ ٿوري ڦير سان موجود آهي، ٻانهي خان شيخ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان واري سهيڙيل رسالن ۾ آرون لفظ لکيل آهي ۽ هن ڪوهستاني تر ۾ شاهه لطيف رحه جا پارڪو اهو بيت هيئئين ريت پڙهن ٿا:

سارنگ کي سارين، ماڻهو مِرگَهہ مينهِيُون،
آرُون اَبرَ آسري، تاڙا تنوارين،
سِپُون جي سمونڊ ۾، نئين سِج نهارين،
پَلُرُ پيارين، تہ سنگهارن سُک ٿِئي.

سر مارئيءَ جو هيئيون بيت، جنهن جي مٿئين سٽ ئي غائب آهي، سو محقق صاحب ڪٿان ڏسي يا ٻڌي لکيو آهي، اُهو هُن واضح ڪري ناهي لکيو. بيت جي هيٺان (مارئي) لکيل آهي؛ مطلب تہ سر مارئيءَ جو بيت آهي، سو تہ بيت مان ئي ظاهر آهي. اهو بيت هيئئين ريت لکيل آهي:



عُمَر اُنهين ڏيهہ جا، ڏوٿين ڏنم ڏس،
وَليُون وڻ ڦُلاريا، للَرُ نڱيو لَسِ،
آٽيو وجهن آهُرين سندا ٿُوهَنِ ٿِسِ،
ميوا، مَجَرُ، ماڪيُون سپ ڪا چَڪَنِ چَسَ،
ماڙِي وِهي مَس، ملير وِيندي مارُئي.

هي بيت گهٽي ياڳي سڀني رسالن ۾ موجود آهي، هن ڪوهستاني تر جا شاهه رحه جا پارڪو اهو بيت هيئئين ريت پڙهن ٿا:

پَنوَهارنِ پَاٻوهِيو، ڪِي واهُوندَنِ وَسَ،
عُمر اُنَهِينءَ ڏَيهَہ جا، ڏوٿِينِ ڏِنم ڏَسَ،
وَلِيُون وَڻَ ڦُلارِيا، لُلِرُ نِڱئو لَسَ،
آٽيو وِجهنِ آهُرين، سَندا ٿُوهَنِ ٿَسَ،
ميوا مَجُرَ ماڪِيُون، سَپڪا چَکنِ چَسَ،
ماڙِيءَ وِهي مَسَ، مليرَ ويندي مارئي.

محقق صاحب سر ڪاموڏ جو هيئيون بيت، جو سڀني رسالن ۾ موجود آهي، ويندي ڪلياڻ آڏواڻي جي سهيڙيل چونڊ بيتن واري شاهه رحه جي رسالي ۾ بہ موجود آهي، پر محقق صاحب کي اهو بيت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي واري ڪتاب مان هٿ آيو. جو هيئئين ريت لکيل آهي:

مُهاڻيءَ جي من ۾، گيرب نہ گاءُ،
نيڻن سان ناز ڪري، ريجهايائين راءُ
سمو سين مُلا، هيريائين حرفت سين.
(جوڻيجو:2022، 216، 217)

اهو بيت ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري سهيڙيل شاهه جي رسالي ۾ هيئئين ريت لکيل آهي:

مُهاڻيءَ جي مَنَ ۾، نہ گِيرَبُ نہ گاءُ
نيڻِنِ سين ناز ڪَري، رِيجهايائِين راءُ،
سَمو سَپِنِ مُلاءُ، هيرِيائين حِرِفَتَ سين.

**سر ڪاموڏ بيت نمبر ١٢، داستان نمبر ١، ص ٤٤٧، ڇاپو پهريون (سنڌ ثقافت کاتي پاران) سال ٢٠١٢ع**

**پروفيسر نور محمد شاه صاحب! مون اِهي سموريون ساڪنايون اوهان جي سَمَڪَ ۾ ان ڪري آنديون آهن تہ اِهي شمارا اوهان جي سرواڻيءَ ۾ ڇپجن ٿا. منهنجو مطلب آهي تہ ان وقت جيڪو بہ چيئرمين/چيئرپرسن هوندو اهي ڪڇايون ان جي ڪاتي ۾ ڳٽبيون، هتي فقط بيهڪ جي نشانين يا پروف جي غلطين جو مامرو ناهي، شاهہ لطيف رحہ جي بيتن سان جيڪو انياءُ، ڪِيس، بغدادُ ٿيل آهي، اهو منهنجي نظر ۾ مها پاپ آهي. جي منهنجو هي ليک ڪٿي ڇپائڻ جي الله اوهان کي همت ڏي ٿو تہ، هٿ ٺوڻين تائين ٻڌي عرض اهو آهي تہ: هن ليک مان هڪ لفظ بہ ڪُتري ڪڍي ڇڏڻ جي موڪل بلڪل بہ نہ نہ نہ ڏيندس، ڇو تہ ڪن وڏن عالمن سڳورن جا نشانبر نالا بہ لکيل آهن، اهي اوهان سان اَنَرا بہ ٿيندا. ٻيو ننڍڙو عرض تہ مهرباني ڪري.... مهرباني ڪري.. ڇاپڻ کان اڳ جا آخري پروف مون مسڪين کي ضرور ڏيکارجو. اها منهنجي آخري وينتي آهي، وڏيڪ اوهين وس وارا آهيو.**

**پٽائي جي سيني پارکوئن جي پيرن پٺي**
**رخمان گل پالاري**
**قلم تازو لکي پورو ڪيو وقت پيچ پنيءَ جو**
**تاريخ آگسٽ ٢٠٢٤ جي آئين (٨) ٿي چڪي.**

## حوالا:


آڏواڻي ڪلياڻ (مرتب)شاه جو رسالو (ڊسمبر 2012) ڇاپو پهريون. ڪراچي، سنڌ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

ٽالپر، همسر حسين.(2022). ضلعي بدين جي لوڪ شاعريءَ جو تحقيقي اڀياس.ڪينجهر، شمارو نمبر 25. ڄامشورو سنڌ: سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي

جلباڻي، ذوالفقار علي.(2023). شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي مختلف پهلوئن جو تحقيقي اڀياس .ڪينجهر، شمارو نمبر 26. ڄامشورو سنڌ: سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي.

سيد، حسين مسرت.(2022). شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي سُر ڪاهوڙي ۽ سُر رامڪليءَ ۾ جدوجهد ۽ مزاحمت جو عنصر.ڪينجهر، شمارو نمبر 25. ڄامشورو سنڌ: سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي.





شاهواڻي غلام محمد،(مرتب) شاهہ جو رسالو (1950). ڇاپو پهريون. ڪراچي، سنڌ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

شيخ ٻانهو خان مرتب: شاهہ جو رسالو.(2000). ڇاپو پهريون، جلد پهريوون. ڪراچي، سنڌ: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي، يونيورسٽي.

ميمڻ، عبدالغفور.(2021). شاهہ لطيف جي ڪردار سهڻيءَ جو نفسياتي جائزو.ڪينجهر، شمارو نمبر 24. ڄامشورو سنڌ: سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي.